هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان



## شعبان المعظم ۾ نفلي عبادتون

(English)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# شعبان المعظم ۾ نفلي عبادتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمناً مسجد ۾ کائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 660 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**گلدستہ دُرود و سلام**" جي صفحہ 217 تي آهي: اميرُ المؤمنين، مولاءِ ڪائنات، حضرت سيدنا علي المرتضٰي، شير خدا كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ شهنشاهہ خوش خصال، پيڪر حسن و جمال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ بي مثال آهي "جيڪو شخص مون تي سو ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ نور هوندو، جيڪڏهن اهو نور سڄي مخلوق ۾ تقسيم ٿي وڃي تہ سڀني جي لاءِ ڪافي ٿيندو.

(حلية الاولياء، ج. 8، ص. 49، حديث 11341)



www.dawateislami.net

کثرت سے دُرُود اُن پہ پڑھورَبّ نے جو چاہا سینے میں اُتر آئیں گے انوارِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن ٻ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب ٻ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡ عِظَةِ الۡحَسَنَةِ ”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٹائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب      صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فضيلتن واري رات

حضرتِ سيدنا ابي بن ڪعب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ حضورِ انور، شافع محشر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو. مون وٽ حضرتِ

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام شبِ برات ۾حاضر ٿيا ۽ مون کي چيائون اٿو نماز ادا فرمايو. مون پڇيو: اي جبرائيل! هي ڪهڙي رات آهي؟ عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اها رات آهي جنهن ۾ آسمان ۽ رحمت جا 300 دروازا کوليا ويندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ سان گڏ شريڪ ڪرڻ وارا، پاڻ ۾ بغض ۽ ڪينو رکڻ وارا، شرابين ۽ بدڪارن کان علاوه سيني جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. انهن ماڻهن جي ان وقت تائين مغفرت نہ ٿيندي جيسيتائين اهي سچي توبهہ نہ ڪن. البتہ شراب جي عادي جي لاءِ رحمت جي دروازن مان هڪ کوليو ويندو آهي ايسيتائين جو اهو توبهہ ڪري، تہ جڏهن اهو توبهہ ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. اهڙي طرح ڪيني رکڻ واري جي لاءِ بہ رحمت جي دروازن مان هڪ دروازو کوليو ويندو آهي ايستائين جو اهو پنهنجي ساٿي (يعني جنهن سان ڪينو رکندو آهي) سان ڪلام نہ ڪري ڇڏي، جڏهن اهو ان سان ڪلام ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جي بہ مغفرت ڪئي ويندي آهي، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي جبرائيل! جيڪڏهن اهو پنهنجي ساٿي سان ڪلام نہ ڪري، ايستائين جو شبِ براءت گذري وڃي تہ........؟ حضرت سيدنا جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: جيڪڏهن اهو انهيءِ حالت تي برقرار رهيو ايستائين (نزع جو عالم طاري ٿيڻ جي سبب) ان جي سيني ۾ ساهہ اٽڪڻ لڳي تہ ان جي لاءِ بہ رحمت جو دروازو کليل رهندو آهي، جيڪڏهن اهو (موت کان پهريان مسلم جي ڪيني کان) توبهہ ڪري تہ ان جي توبهہ مقبول آهي، هي ٻڌي ڪري حضورِ انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنتُ البقيع جي طرف تشريف کڻي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي انهن الفاظن ۾ دعا گهري: اَعُوۡذُ بِعَفۡوِكَ مِنۡ عِقَابِكَ وَاَعُوۡذُ بِرِضَاكَ مِنۡ سَخَطِكَ وَاَعُوۡذُ بِكَ مِنۡكَ جَلَّ ثَنَاؤُكَ لَا



www.dawateislami.net

اَبْلُغُ الثَّنَاءَ عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ (يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ) مان تنهنجي عذاب کان تنهنجي معافي، تنهنجي ناراضي کان تنهنجي رضا ۽ تون کان تنهنجي پناهه طلب ڪريان ٿو، تنهنجي تعريف بلند آهي، مان تنهنجي تعريف جو حق ادا نه ٿو ڪري سگهان، تنهنجو حقيقي شان اهو ئي آهي جيڪو تو پاڻ بيان فرمايو.

حضرت سيدنا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام رات جي چوٿين پهر نازل ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجو سِر مبارڪ آسمان جي طرف مٿي ڪٽو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو سر مبارڪ آسمان جي طرف مٿي ڪنيو ته ڏٺائون ته رحمت جا دروازه کليل آهن. پهرين دروازي تي هڪ فرشتو هيئن پڪاري رهيو هو ته مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات عبادت ڪري، ٻئي دروازي تي هڪ فرشتو هيئن پڪاري رهيو ته مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات سجدو ڪري، ٽيئن دروازي تي هڪ فرشتو ندا ڪري رهيو هو مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات رڪوع ڪري چوٿين دروازي تي هڪ فرشتو پڪاري رهيو هو مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات ۾ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهري، پنجين دروازي تي ٻه هڪ فرشتو هيئن پڪاري رهيو هو ته مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات پنهنجي رب تعالٰي سان مناجات ڪرڻ ۾ مشغول هجي ڇهين دروازي تي ٻه هڪ فرشتو پڪاري رهيو هو ته هن رات ۾ مسلمانن ڪي مبارڪ هجي ستين دروازي تي ٻه هڪ فرشتو پڪاري رهيو هو ته خدا تعالٰي ڪي هڪ مجڻ وارن ڪي مبارڪ هجي، اٺين دروازي تي ٻه هڪ فرشتو



www.dawateislami.net

پڪاري رهيو هو تہ آهي ڪو مغفرت طلب ڪرڻ وارو تہ ان جي مغفرت ڪئي وڃي؟ ۽ ڏهين دروازي تي بہ هڪ فرشتو پڪاري رهيو آهي تہ آهي ڪو دعا ڪرڻ وارو تہ ان جي دعا قبول ڪئي وڃي؟ پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي جبرائيل! رحمت جا هي دروازا ڪيستائين کليل رهندا آهن؟ عرض ڪيائون: رات جي ابتداء کان طلوعِ فجر تائين، پياري آقا محمد مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ان رات ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ مغفرت ڪئي ويندي آهي، انهيءَ رات ماڻهن جي سڄي سال جا اعمال (آسمانن جي طرف) بلند ڪيا ويندا آهن ۽ انهيءَ رات رزق تقسيم ڪيو ويندو آهي.

براءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولٰی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ شعبانُ المعظم جي مهيني کي ڪيتري قدر شرافت ۽ بزرگي عطا فرمائي آهي بالخصوص 15 شعبانُ المعظم جي نوراني رات (يعني شبِ براءَت) تہ ايتري قدر عظيم الشان رات آهي جو بارگاهِ خداونديءَ عَزَّوَجَلَّ مان مغفرت جا پروانا تقسيم ڪيا ويندا آهن، جڏهن هيءَ مبارڪ رات تشريف ڪڻي ايندي آهي تہ رحمت جا دريا ايتري قدر جوش ۾ ايندا آهن تہ ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن جي لاءِ رحمت جا 300 دروازا کولي ڇڏيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا معصوم فرشتا ان رات رڪوع ۽ سجدا ۽ نفلي عبادت ڪرڻ دعائن ۾ مشغول رهڻ ۽ گريہ وزاري ڪرڻ



www.dawateislami.net

وارن کي خوشخبريون ٻڌايون ٿا هن عظيم رات جي عظمت جي سبب ڪان نبي رحمت شفيع امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 15 شعبان المعظم جي رات ڪڏهن جنت البقيع جي قبرستان تشريف ڪٽي ويندا ۽ اُتي بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ سجدي جي حالت ۾ گريه وزاري فرمائيندا ۽ ڪڏهن گهر مبارڪ ۾ نفلن ۽ دعا وغيرا ۾ مشغول رهندا هئا. جيئن ته

اُمّ الۡمُؤمِنِين حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه، طيبه طاهِره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا فرمائن ٿيون: كَانَ رَسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ يَدۡعُوۡ وَهُوَ سَاجِدٌ لَيۡلَةَ النِّصۡفِ مِنۡ شَعۡبَانَ يعني نصف شعبان جي رات منهنجي سر تاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي جي حالت ۾ دعائون گهرندا هئا.

(ڪنز العمال، ج. 14، ص. 79، حديث. 38288)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو ته مالڪِ ڪونين، رحمتِ دارين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ان مقدّس رات ۾ خصوصيت سان گڏ نفل ادا ڪرڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب ۽ ان جي ناراضگيءَ کان پناه طلب ڪرڻ تعليمِ اُمّت جي لاءِ هو ته جيئن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت به پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيروي ڪندي ان رات ۾ وڌ کان وڌ عبادتون ڪن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه مان ملڻ وارن انعامن ۽ رحمتن جي فيضان کان بالڪل محروم نه رهن. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو توبهه ۽ استغفار فرمائڻ ۽ رب تعالٰي جي ناراضگيءَ ۽ ان جي غضب کان پناه گُهرڻ هر گز پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان معاذالله عَزَّوَجَلَّ گناهن جي صادر ٿيڻ سبب نه هيو ڇو ته صرف نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانُ الله جي فضل ۽ ڪرم سان گناهن کان معصوم (يعني گناهن کان پاڪ) آهن جو انهن کان گناه ٿي ئي نٿا سگهن جيئن ته



www.dawateislami.net

شارِحِ بُخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِی ارشاد فرمائين ٿا: سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَانُ بالخصوص اسان جي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گناهن کان معصوم آهن . (فتاويٰ شارِحِ بُخاري، 363/1) اهڙي طرح مفسّرِ شهير حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الْمَنَّانُ فرمائن ٿا: حضراتِ انبياءِ گناهن کان معصوم آهن جو گناهہ ڪري ئي نٿا سگهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان سڀ وڏا خوش قسمت آهيون جو الله تعالىٰ اسان کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت ۾ پيدا فرمائي ڪري اسلام جي دولت سان مالامال فرمايو ۽ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي شعبان المعظم جهڙو برڪتن سان مالا مال مُبارڪ مهينو عطا فرمايو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ فرضن ۽ واجبن جي پابنديءَ سان گڏ و گڏ ان مهيني ۾ عام ڏينهن جي مقابلي ۾ ذڪر ۽ درود ، تلاوتِ قرآنِ ڪريم، هفتي وار سنّتن ڀريواجتماع ۽ هفتي وار مدني مذاڪري ۾ شرڪت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ۽ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شائع ٿيل ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو، صدقو ۽ خيرات، تقسيمِ رسائل، مرحومن جي لاءِ ايصالِ ثواب ۽ دعاءِ مغفرت ڪرڻ جي لاءِ سنت جي نيّت سان قبرستان جي حاضري ۽ ٻي نفلي عبادت جو بہ گهڻي کان گهڻو اهتمام ڪيون، هونئن بہ هي مبارڪ مهينو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پسنديده ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گهڻي کان گهڻا درودِ پاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي. جيئن تہ



www.dawateislami.net

غنية الطالبين ۾ آهي تہ شعبان المعظم ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي نبيءِ مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلڻ جو مهينو آهي. (غنية الطالبين، القسم الثالث: مجالس في مواعظ القرآن..... الخ، 342) تنهنڪري ان مهيني ۾ ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ گهرجي. اچو درودِ پاڪ جي عادت ناهڻ جي لاءِ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## شفاعت جي نويد

حجّةالاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ارشاد فرمائن ٿا: هڪ ماڻهو حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف نہ پڙهندو هو، هڪ رات خواب ۾ زيارت سان مشرّف ٿيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جي طرف توجهہ نہ فرمائي، هُن عرض ڪيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا توهان مون ڪان ناراض آهيو؟ "فرمايائون" نہ. هن شخص پڇيو: پوءِ توهان منهنجي طرف توجهہ ڇو نہ ٿا فرمايو؟ "فرمايائون" "هن لاءِ جو آئون توڪي نٿو سڃاڻان". هن شخص عرض ڪيو: "حضور! توهان مونکي ڪيئن نٿا سڃاڻون، آئون تہ توهان جي امّت جو هڪ فرد آهيان. "۽ عُلماء فرمائيندا آهن تہ توهان پنهنجي امتين کي ان کان بہ وڌيڪ سڃاڻيندا آهيو جيئن ڪا ماءُ پنهنجي پُٽ کي سڃاڻيندي آهي. پاڻ فرمايائون: "عُلماء سچ چيو، پر تون مونکي درود شريف جي ذريعي ياد نہ ٿو ڪرين ۽ آئون پنهنجي اُمّت جي ماڻهن کي درود پاڪ پڙهڻ جي سبب سان سڃاڻيندو آهيان، جيتري قدر اُهي مون تي درود پڙهندا آهن ايتري قدر آئون انهن کي سڃاڻيندو آهيان".



www.dawateislami.net

جڏهن اُهو شخص سڄاڳ ٿيو تہ هن پنهنجي مٿان لازم ڪيو تہ حضور سرورِ ڪائنات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي روزانو هڪ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهندس، هاڻي هن شخص روزانو سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهڻ پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. ڪجهہ عرصي بعد وري حضور اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مُشرّف ٿيو، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو: مون توکي هاڻي سڄاتو آهي ۽ آئون تنهنجي شَفاعت بہ فرمائيندس.

(مڪاشفة القلوب، ص 79 ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ درود پاڪ پڙهڻ واري ڪان نبّي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ صرف خوش ٿيندا آهن بلڪ شربتِ ديدار سان بہ نوازيندا آهن. تنهنڪري اسان بہ جيڪڏهن نبيءِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رِضا چاهيون ٿا ۽ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جا خواهشمند آهيون تہ اسان کي صُبح ۽ شام جو وظيفو بڻائڻ گهرجي، سچي لگن سان گڏ ان ۾ مگن رهندا سين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور اسان تي ڪرم ٿيندو ۽ اسان کي بہ زيارت نصيب ٿي ويندي.

اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن "الوظيفة الكريمه" ۾ لکن ٿا (درودِ پاڪ) خالص تعظيمِ شانِ اَقدس جي لاءِ پڙهي، هن نيّت کي بہ (دل ۾) جڳهہ نہ ڏي تہ مونکي زيارت عطا ٿئي، اڳتي انهن جو ڪرم تمام وسيع ۽ بي انتها آهي. منهن مديnhء طيّبہ جي طرف هجي ۽ دل حُضورِ اَقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف،



www.dawateislami.net

دَسّت بَسّته (هٿ ٻڌي ڪري) پڙهي ۽ هي تصوّر ڪري ته روضهء انور تي حاضر آهيان ۽ يقين ڄاڻي ته حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي ڏسي رهيا آهن، منهنجي آواز ٻڌي رهيا آهن، ۽ منهنجي دل جي خيالن کان به آگاهه آهن. (الوضيفته الڪريم، ص 28)

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ٻڌايل طريقن تي عمل ڪندي اخلاص ۽ استقامت سان درود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايون ته اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ديدارِ مصطفٰي ڪان مُستفيض ٿيڻ سان گڏوگڏ دين ۽ دنيا جا بيشمار فائدا حاصل ٿيندا. اچو ترغيب جي لاءِ درود پاڪ جا وڏيڪ فضائل ٻڌون ٿا جيئن ته

حضرتِ سَيّدُنا شيخ عبدالحق مُحدّث دهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی "جذبُ القُلوب" ۾ ارشاد فرمائن ٿا: جڏهن مؤمن ٻانهو هڪ ڀيري درود شريف پڙهندو آهي ته الله (عَزَّوَجَلَّ) هن تي ڏهه (10) ڀيرا رحمت موڪليندو آهي، (ڏهه (10) درجا بلند ڪندو آهي، ڏهه (10) نيڪيون عطا فرمائيندو آهي، ڏهه (10) غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ ويهه (20) غزوات (جنگين) ۾ شامل ٿيڻ جو ثواب عطا فرمائيندو آهي درودِ پاڪ دعا جي قبوليت جو سبب آهي، هن جي پڙهڻ سان شفاعتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واجب ٿي ويندي آهي. بابِ جنّت وٽ مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب نصيب ٿيندو، درود پاڪ تمام پريشانين کي دور ڪرڻ جي لاءِ ۽ تمام حاجتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي، دُرود پاڪ گناهن جو ڪفارو آهي، صدقي جي قائم مقام بلڪ صدقي کان به افضل آهي. وڏيڪ فرمائن



www.dawateislami.net

ٿا: درود شريف سان مصيبتون ٽرنديون آهن، بيمارين کان شفاء حاصل ٿيندي آهي، خوف دور ٿيندو آهي، ظُلم کان نجات حاصل ٿيندي آهي، دشمن تي فتح حاصل ٿيندي آهي، الله (عَزَّوَجَلَّ) جي رِضا حاصل ٿيندي آهي ۽ دل ۾ اُن جي محبّت پيدا ٿيندي آهي، فرشتا هن جو ذڪر ڪندا آهن، عملن جي تڪميل ٿيندي آهي ، دل ۽ جان ، اسباب ۽ مال جي پاڪائي حاصل ٿيندي آهي، پڙهڻ وارو خوشحال ٿي ويندو آهي، برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اولاد در اولاد چئن (4) نسلن تائين برڪت رهندي آهي.

(جذب القلوب ص 229)

يا نبی!بيکار باتوں کی ہو عادت مجھ سے دُور
بس دُرودِ پاک کی ہو خوب کثرت يا رسول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حصولِ برڪت، ترقيءِ معرفت ۽ حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي قُربت پائڻ جي لاءِ درود ۽ سلام جي ڪثرت تمام گهڻي ضروري آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته جڏهن به موقعو ملي ۽ بالخصوص هن مهيني شعبان المعظم ۾ اٿندي ويهندي گهڻي کان گهڻا درودِ پاڪ پڙهڻ گهرجن ، هن جي راتين جو عبادت ڪريون ۽ ڏينهن ۾ روزا رکون، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو به اهو معمول هيو جو هن مهيني ۾ گهڻي وڌيڪ نفلي عبادت ڪندا هئا جيئن ته



www.dawateislami.net

## آقا شعبان جا اڪثر روزا رکندا هئا

اُمُّ المؤمنين حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشه صِديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: ”تاجدار رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري شَعبان جا روزا رکندا هئا، (پوءِ) فرمائن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ”جا سيني مهينن ۾ توهان وٽ وڌيڪ پسنديده شَعبان المعظم جا روزا رکڻ آهي؟ ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر ساهہ واري کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو آخري وقت اچي ۽ آءٌ روزيدار هجان.“

(مسند ابو يعلیٰ ج 4 ص 277 حديث 4890 دارالڪتب العلمية بيروت)

اهڙي طرح هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا، بلڪ پوري شعبان جا ئي روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: پنهنجي اِسۡتِطاعَت مطابق عمل ڪريو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان تنگ نہ ٿيو.

(صحيح بخاري ج 1 ص 648 حديث 1970 دارالڪتب العلمية بيروت)

شارِحِ بُخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی هن حديث پاڪ شرح ۾ وضاحت بيان فرمائن ٿا ان جو خلاصو آهي تہ رسولِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعبان جي اڪثر ڏينهن جا روزا رکندا هئا، انهيءِ کي غلبي ۽ زيادت جي لحاظ کان سڀ لفظ سان تَعبِير ڪيو آهي (يعني سڄي مهيني روزا رکڻ مراد ورتي وئي آهي) جيئن چوندا آهن: ”فلان سڄي رات عبادت ڪئي.“ جڏهن تہ هن رات



www.dawateislami.net

جو ماني بہ کاڌي هوندي ۽ ضروري حاجتن کان بہ فراغت حاصل ڪئي هوندي، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن حديث مان خبر پئي تہ شَعبان ۾ جنهن کي طاقت هجي اهو وڌ کان وڌ روزا رکي. (نزهة القاري، ج. 3، ص. 380)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شعبان المعظم پسنديده مهينو

منا منا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پسنديده مهينو هو. جيئن تہ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ سرڪارِ نامدار، سُرور قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده مهينو شعبان المعظم هو تہ ان ۾ روزا رکندا هئا پوءِ ان کي رمضان المبارک سان ملائي ڇڏيندا هئا. (ابو دائود، ج. 2، ص. 476، حديث 2431) پڻ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي طرف منسوب ڪندي هي بہ ارشاد فرمايو: شَعْبَانُ شَهْرِیْ وَرَمَضَانُ شَهْرُ اللّٰه يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي.

(جامع الصغير، حرف الشين، ص. 301، حديث 4889)

علامہ عبد الرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شعبان المعظم کي انهيءَ لاءِ پنهنجو مهينو فرمايو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ (ڪثرت سان نفل) روزا رکندا هئا ڇاڪاڻ تہ هي روزا پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي واجب نہ هئا ۽ رمضان المبارڪ



www.dawateislami.net

کي انھيءِ لاءِ اللّٰہ تعالٰي جو مھينو فرمايو تہ اللّٰہ تعاليٰ ھن مھيني ۾ روزا فرض فرمايا آھن. (فيض القدير، ج. 4، ص. 213، حديث 4889)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان تہ اسان جي بخشي بخشائي آقا، اسان گنھگارن کي بخشائڻ واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عبادت جو عالم ھي ھو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھن مقدس مھيني جي اڪثر ڏينھن جا روزا رکندا ھئا ۽ ھڪ اسان آھيون جو اسان جي زندگي ۾ نہ ڄاڻي ڪيترا ڀيرا شعبان المعظم جو مبارڪ مھينو تشريف ڪٺي آيو ۽ بخشش ۽ مغفرت جا پروانا تقسيم ڪندي رخصت ٿي ويو پر اسان ھن مبارڪ مھيني ۾ پنھنجي گناھن کان توبھ ڪرڻ، آئنده گناھن کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، فرض نمازن جو اھتمام ڪرڻ، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، تلاوتِ قرآن ڪريم، ذڪر و درود، روزن ۽ ٻين نفلي عبادت جي ڪثرت ڪرڻ ۽ پنھنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام رھياسين. ڄاڪاڻ تہ نبي ڪريم، رؤوف رحيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ھن مھيني ۾ اسان کي ڪثرتِ عبادت جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ نہ صرف عملي طور تي خود نفلي عبادت جو اھتمام فرمايو بلڪ ھن مھيني جي اھميت بيان ڪندي ارشاد فرمايو تہ رجب ۽ رمضان جي درميان ۾ ھي مھينو آھي، ماڻھو ان کان غافل آھن. ھي اھو مھينو آھي جنھن ۾ ماڻھن جا اعمال رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي (بارگاھ جي) طرف کنيا ويندا آھن ۽ مون کي اھو محبوب آھي تہ منھنجو عمل ھن حال ۾ اٿاريو وڃي جو مان روزيدار ھجان. (نسائي، ص. 387، حديث 2354) ۽ بالخصوص 15 شعبان المعظم جي رات ۾ نفلي عبادت ڪرڻ ۽ ڏينھن ۾ روزو رکڻ جو باقاعده حڪم ڏيندي ارشاد



www.dawateislami.net

فرمايو: جڏهن شعبان المعظم جي رات اچي تہ ان ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ان ڏينهن ۾ روزو رکو جو الله عَزَّوَجَلَّ غروبِ آفتاب کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ فرمائيندو آهي تہ آهي ڪو مون کان مغفرت طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت زده تہ ان کي عافيت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ هي ان وقت تائين فرمائيندو آهي جيسيتائين فجر طلوع تي وڃي.

(ابن ماجہ کتاب الصلاۃ، ج. 2، ص. 160، حديث 1388)

نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے
مغفرت کر کے باغِ جناں دے
کر دے رحمت مِری اِلتجاء ہے
یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل احاديث مبارڪ مان شعبان المعظم ۾ نفلي عبادت جي ترغيب سان گڏو گڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ هن مهيني ۾ سڄي سال جا اعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. ايئن سمجهو تہ اعمال نامن جي تبديلي جي اعتبار سان 14 شعبان المعظم سال جو آخري ڏينهن ۽ 15 شعبان المعظم سال جو پهريون ڏينهن هوندو آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ بالعموم شعبان المعظم جي سڄي مهيني ۽ بالخصوص 15 شعبان جو عبادت ۽ استغفار جي خوب ڪثرت ڪريون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دعائون گهرون.



www.dawateislami.net

پاره 25 سورة الدخان جي آيت نمبر 3 ۽ 4 ۾ خداءِ حنّان و منّان عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ فِیۡ لَیۡلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنۡذِرِیۡنَ ﴿۳﴾ فِیۡهَا یُفۡرَقُ كُلُّ اَمۡرٍ حَكِیۡمٍ ﴿۴﴾ | ترجمو ڪنز لايمان: بيشڪ اسان ان کي برڪت واري رات ۾ لاٿو بيشڪ اسان ڊيڄاريندڙ آهيون. ان ۾ ورهايو ويندو آهي هر حڪمت وارو ڪم. |

مفسر شهير، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان بيان ڪيل آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن رات مان مراد يا شبِ قدر آهي (يعني رمضان المبارڪ جي) 27 وين رات يا شبِ معراج يا شب براءت (يعني 15 وين) شعبان. هن رات ۾ پورو قرآن لوحِ محفوظ کان دنياوي آسمان جي طرف لاٿو ويو پوءِ اتان کان 23 سال جي عرصي ۾ تورو تورو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ٿيو. هن آيت مان معلوم ٿيو تہ جنهن رات ۾ قرآن نازل ٿيو اها مبارڪ آهي تہ جنهن رات ۾ صاحبِ قرآن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا اها بہ مبارڪ آهي. هن رات ۾ سڄي سال جو رزق، موت، زندگي، عزت و ذلت، غرض تمام انتظامي امور لوحِ محفوظ کان فرشتن جي صحيفن ۾ نقل ڪري هر صحيفو ان محڪمي جي فرشتن کي ڏئي ڇڏيندا آهن. جيئن ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلاَم کي سيني مرڻ وارن جي فهرست وغيره. (نور العرفان، ص. 790)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ شبِ براءَت بيحد اهم رات آهي لهٰذا ڪنهن صورت بہ ان کي غفلت ۾ نہ گذاريو وڃي، تہ ان رات الله عَزَّوَجَلَّ بيشمار ماڻهن جي مغفرت فرمائيندو آهي. جيئن تہ نبي ڪريم رؤوف رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ مون وٽ جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام آيا ۽ چيو تہ هي شعبان جي (15 وين) رات آهي، ان ۾ الله تعالٰي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن جي تعداد جي برابر ماڻهن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 384، حديث 3837)

پر افسوس! ڪجھ بدنصيب ماڻهو اهڙا بہ آهن جنهن تي شبِ براءت يعني ڇوٽڪاري پائڻ جي رات بہ نہ بخشڻ جي وعيد آهي. جيئن تہ حضرت سيدنا امام بيهقي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ”فضائل الاوقات“ ۾ نقل ڪن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ڇهہ (6) ماڻهن جي هن رات بہ بخشش ناهي ٿيندي: (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) بدڪاري جو عادي (4) قطع تعلق ڪرڻ وارو (5) تصوير بنائڻ وارو ۽ (6) چغل خور. (فضائل الاوقات، ج. 1، ص. 130، حديث 27)
اهڙي طرح ڪجھ ٻين احاديثِ مبارڪن ۾ ڪاهن، جادوگر، تڪبر سان گڏ پاجامو يا تهبند پيچين کان هيٺ لٽڪائڻ وارا ۽ ڪنهن مسلمان سان بلا اجازت شرعي بغض و ڪينو رکڻ وارن جي لاءِ بہ هن رات مغفرت کان محرومي جي وعيد بيان ڪئي وئي آهي، جيئن تہ تمام مسلمانن کي گهرجي تہ بيان ڪيل گناهن مان جيڪڏهن ڪنهن گناهہ ۾ مبتلا هجي تہ بالخصوص ان گناهہ کان ۽ بالعموم سيني گناهن کان شبِ براءَت جي اچڻ کان پهريان بلڪ اڄ ۽ هاڻي سچي توبهہ ڪري ڇڏيو ۽ ڪيڏو نہ سٺو



www.dawateislami.net

هجي جو توبهہ تي استقامت پائڻ، پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ نيڪيون ڪرڻ گناهن کان بچڻ ۽ پنهنجي دل ۾ خوب خوب نفلي عبادت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ بہ وڌي ڪري حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃون .

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلو"

ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان ماهانہ هڪ ڪم "مدني قافلو" بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جي تحت سفر ڪرڻ وارا مدني قافلن جي برڪت سان اڄ تائين بيشمار ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي چڪو آهي، پڻ ڪيتريون ئي مسجدون بہ انهن مدني قافلن جي بدولت آباد ٿي چڪيون آهن. نيڪي جي دعوت ڪي عام ڪرڻ جي لاءِ جيترا بہ ذرائع آهن، انهن مان "مدني قافلو" اهم ترين ذريعو آهي، پر منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! هاڻي بہ ڪيتريون ئي مسجدون ۽ ڪيترائي علاقہ مدني قافلن جي آمد جا منتظر هوندا. جي ها! هاڻي بہ مسلمانن جي هڪ تعداد اهڙي بہ آهي جيڪو ماهہ رمضان جي فرض روزا رکڻ کان محروم آهن، ان ماہ رمضان ۾ بہ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ گناهن جا بازار گرم رهندا آهن، ڏينهن ڏهاڙي هٽا ڪٽا جوان بلا عذر شرعي روزا ترڪ ڪرڻ وارا ڪيترائي هوندا، وڌي بي باڪي سان گڏ هوٽلن ۾ کائڻ پيئڻ جو سلسلو هلي رهيو هوندو آهي، ها جيڪڏهن ڪنهن ڪي هوٽل وغيره ۾ سرِ عام کاڌو وغيره کائيندي ڏسو تڏهن بہ اسان کي



www.dawateislami.net

هر مسلمان سان گڏ حسنِ ظن ئي رکڻو پوندو، ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن شرعي عذر جي سبب ڪان اهو روزو نه رکي سگهيو هجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن ماه مبارڪ ۾ بالخصوص مدني قافلن ۾ سفر جي ذريعي اهڙن ماڻهن کي اسان نيڪي جي دعوت ڏيون، برائي کان منع ڪريون، ماهِ رمضان المبارڪ جي فضائل ٻڌائي ڪري انهن کي فرض روزن رکڻ جو مدني ذهن ڏيايون، خوب خوب انفرادي ڪوشش ڪريون جڻ اسان جي اجتماعي ۽ انفرادي ڪوشش سان ٿيڻ واري "استقبالِ رمضان" جون اهڙيون برڪتون ظاهر ٿين جو ماه رمضان جي آمد ٿيندي ئي اهڙو مدني ماحول هجي جو هر طرف روزن جون مدني بهاريون اچي وڃن. مدني قافلي جي جدول ۾ "فيضانِ رمضان" کان مسجد ۽ چوڪ درس جو سلسلو ٿئي، ان مان به ڪيترن ئي عاشقانِ رسول تائين ماهِ رمضان جي فرض روزن ۽ ٻين عبادات جي دعوت پهچندي. مڪتبة المدينه جي مطبوعه پمفليٽ "رمضان ۾ گناه ڪرڻ واري جو ڀيانڪ انجام" گهر گهر تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو، هتو هٿ انهن عاشقانِ رسول کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ٿيڻ واري سڄي مهيني رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف جي به دعوت جو سلسلو جاري رکو. بالخصوص عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري عاشقانِ رمضان جي عظيم الشان "سڄي رمضان جي اعتڪاف" جي دعوت کي عام ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** احاديثِ مبارڪ ۾ مسجدن کي آباد ڪرڻ وارن جي لاءِ عظيم الشان فضائل ذڪر ڪيل آهن، جيئن ته

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مان نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي گھرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وارا آهن. (معجم الاوسط، ج. 2، ص. 58، رقم 2502) هڪ ٻئي مقام تي ارشاد فرمايو ته جڏهن ڪو ٻانهو ذڪر ۽ نماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو بڻائي ڇڏيندو آهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کان اهڙو خوش ٿيندو آهي، جيئن ماڻهو پنهنجي گمشده شخص کي پاڻ وٽ آمد تي خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجہ، ج. 1، ص. 438، رقم 800)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي گھرجي ته اسان به مسجدن کي آباد ڪرڻ، علمِ دين حاصل ڪرڻ، بالخصوص هن مهيني ۾ ”استقبالِ رمضان“ جون ڀرپور تياريون ۽ پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي عظيم مدني مقصد کي پيشِ نظر دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايون. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان سال پراڻي جوڙن جي سور جي بيماري کان شفا پائڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مدني بهار ٻڌون ٿا: جيئن ته

## جوڙن جي بيماري ۽ بي روزگاري کان نجات

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته منهنجي هڪ طرف بي روزگاري هئي ۽ ٻئي طرف جوڙن جي سور جي پراڻي بيماري، تنگدستي ۽ شديد سور جي باعث سخت بيزاري هئي، گھڻو علاج ڪرايو پر ڪجھ



www.dawateislami.net

فائدو نہ ٿيو. ڪنهن اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ذهن ٺاهي ڪري دعوتِ اسلامي جي تحت عاشقانِ رسول جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سنتن ڀريي سفر جي ترڪيب ٺاهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سنتين ڀريي سفر ۽ عاشقانِ رسول جي شفقت ڀري صحبت جي برڪت سان منهنجي سالن جي پراڻي جوڙن جي سور جي بيماري بالڪل ختم ٿي وئي. مدني قافلي کان واپسي تي ٻئي ئي ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ آيو ۽ انهن مون کي ڪم تي لڳائي منهنجي روزگار جي ترڪيب بہ ٺاهي ڇڏي. هي بيان ڏيندي اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، منهنجو ڪم هڪ ڏينهن بہ بند ناهي ٿيو ۽ سور بہ واپس ناهي آيو.

جوڑ جوڑ آپ کے ، ہوں اگر دُکھ رہے　　کر کے ہمّت چلیں ، قافِلے میں چلو
تنگدستی مِٹے ، رِزق سُتھرا ملے　　دَر کرم کے کُھلیں ، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي بہ گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول ٺاهي ڇڏيو تہ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون پريشانيون بہ ختم ٿي وينديون ۽ مبارڪ ايّام جي ادب ۽ احترام جو جذبو ۽ ان ۾ عبادت جو ذوق ۽ شوق بہ نصيب ٿيندو. اسان جي اسلاف ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بہ هن ماهِ مقدس جي اهميت کان سٺي طرح واقف هئا لهٰذا اهي حضرات هن مهيني ۾ خوب خوب نفلي عبادت جو ٻج پوکڻ پوءِ جڏهن رمضان جو مهينو



www.dawateislami.net

جلوه گر ٿيندو تہ انهن جي خوشي جي ڪا انتهاء نہ رهندي ۽ انهن جي عبادت جو شوق وڌيڪ وڌي ويندو هو، جيئن تہ

## صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ استقبالِ شعبان

حضرتِ سَيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: ”شعبان جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍندا هئا تہ جيئن ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهو رمضان جي روزن لاءِ تياري ڪري سگهن، حڪمران قيدين کي گهرائي جنهن تي ”حد“ (سزا) قائم ڪرڻي هوندي هئي ان تي حد قائم ڪندا هئا، باقي ٻين کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، واپاري پنهنجا قرض ادا ڪري ڇڏيندا هئا، ٻين کان پنهنجا قرض وٺي ڇڏيندا هئا، (ائين رمضان المبارڪ جي مهيني جو چنڊ نظر اچڻ کان اڳ ئي پنهنجو پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏيندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (ڪجھ ماڻهو) اِعتِڪاف ۾ ويهي رهندا هئا. (غنية الطالبين ج 1 ص 341)

آ گيا رمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دن تِیس کا مہماں ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جن جو سالن کان هي معمول آهي تہ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة ماهِ شعبان المعظم ۾ نہ صرف پاڻ ڪثرت سان نفلي عبادتون بجا آڻيندا آهن بلڪ



www.dawateislami.net

پنهنجي پرتاثير تحريرن، سنتن پري بيانات ۽ علم و حڪمت سان پرپور مدني مذاڪرن جي ذريعي وقتًا فوقتًا مسلمانن کي بہ هن مهيني ۾ نفل عبادتن جي ڪثرت جو ذهن عطا فرمائيندا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ!

امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جن جو سالن کان شبِ براءَت ۾ ڇهہ (6) نفل ۽ سوره يٰسين شريف وغيره جو معمول آهي. مغرب کان پوءِ ٿيڻ واري هي نفل عبادت آهي، فرض ۽ واجب نہ ۽ مغرب کان پوءِ نفلن ۽ تلاوت جي شريعت ۾ ڪٿي ممانعت بہ ناهي. حضرت سَيِّدُنا علّامہ ابن رَجَب حنبلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: اهلِ شام ۾ جَلِيل القَدر تابعين مَثَلًا حضرت سَيِّدُنا خالِد بن مَعْدان، حضرت سيدنا مَكْحُول، حصرت سيدنا لقمان بن عامر رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى وغيره شبِ بَراءَت جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا ۽ هن ۾ خوب عبادت ڪندا هئا، انهن مان ٻين مسلمانن هن مبارڪ رات جي تعظيم سکي. (لطائف المعارف، ج. 1، ص. 145)

فقہ حنفي جي معتبر ڪتاب "دُرِّ مُختار" ۾ آهي: شبِ براءَت ۾ شب بيداري (ڪندي عبادت) ڪرڻ مُستحب آهي، (پوري رات جاڳڻ کي ئي شبِ بيداري ناهن چوندا) اڪثر حصي ۾ جاڳڻ بہ شبِ بيداري آهي.

(در مختار، ڪتاب الصلاة، ج. 2، ص. 568، بهارِ شريعت، حصو چوٿون، ج. 1، ص. 679)

## رسالو "آقا جو مهينو" جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم جي برڪت واري مهيني ۾ ٿيڻ واري نفل عبادت جي متعلق مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رسالي "آقا جو مهينو" (سنڌي ترجمي) جو مطالعو فرمايو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي



www.dawateislami.net

رسالي ۾ نفل روزن جا فضائل، 15 شعبان المعظم جي رات مغفرت کان محروم ڪري ڇڏڻ جا اسباب، 15 شعبان جي روزي جي فضيلت، شعبان جي 15 وين رات پڙهڻ وارا ڇهه (6) نفلن جي فضيلت ۽ ان جو طريقو، دعاء نصف شعبان، آتش بازي ڪرڻ جي مَذَمّت ۽ آخر ۾ قبرستان جي حاضري جي متعلق 11 مدني گلن جو بيان فرمايو آهي. لهٰذا اچ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً طلب فرمايو، پاڻ بہ پڙهو ۽ حسبِ استطاعت وڌيڪ تعداد ۾ حاصل ڪري خير خواهي ۽ حصولِ ثواب جي نيت سان ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ تحفو پيش ڪريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهو ٿا. ڈائون لوڊ (download) بہ ڪري سگهي ٿو ۽ پرنٽ آئوٽ (Print out) بہ ڪري سگهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شبِ معراج، شبِ براءَت، شب قدر ۽ اهڙي طرح ٻيون مقدس راتين ۾ جو تہ عام طور تي مسجدن ئي ۾ شبِ بيداري ۽ عبادتن وغيره جو معمول آهي. لهٰذا مسجد جو ادب ۽ احترام جو خاص خيال رکندي مذاق، شور شرابو ۽ فضول ڳالهيون بلڪ دنياوي ڳالهين کان بہ پرهيز ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح انهن مبارڪ ڏينهن جا خصوصي فضائل ۽ برڪات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪثير عاشقانِ رسول نفل روزو رکڻ جي بہ سعادت حاصل ڪندا آهن، جيڪڏهن سحري ۽ افطاري جي ترڪيب عينِ مسجد ۾ ئي ٿئي تہ تمام گهڻي احتياط جي حاجت آهي تہ دورانِ سحري ۽ افطاري مسجد جي ڪهڙي طرح سان بہ بي ادبي نہ ٿئي، مسجد جي فرش ۽ مسجد



www.dawateislami.net

جون درين کي خراب ٿيڻ کان بچايو وڃي. مسجد کي هر لحاظ کان صاف سٿرو رکيو وڃي ته جيئن نمازين کي ڪنهن به قسم جي دشواري نه ٿئي ۽ مسجد جي بي ادبي کان به بچيو وڃي. اهڙي طرح ٻارن جي شور شرابي کان به مسجد کي بچايو وڃي.

## مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ٿينديون

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هڪ زمانو اهڙو ايندو ڳا يَكُوْنُ حَدِيْثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون، فَلَا تُجَالِسُوْهُمْ فَلَيْسَ لِلّٰهِ فِيْهِمْ حَاجَةٌ توهان انهن سان گڏ نه ويهجو ته الله عَزَّوَجَلَّ کي انهن سان ڪو ڪم ناهي.

(شعب الايمان، ج. 3، ص. 86، حديث 2962)

مفسر شهير، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان هن حديثِ جي شرح ۾ فرمائن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن تي ڪرم نه ڪندو، نه ته رب عَزَّوَجَلَّ کي ڪنهن ٻانهي جي ضرورت ناهي، اهو ضرورتن کان پاڪ آهي. (مرآة المناجيح، ج. 1، ص. 457)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بد قسمتي سان مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ عام ٿيندو پيو وڃي. اڄ ڪلهه مسجد ۾ ويهي انتهائي بي باڪي ۽ غير سنجيدگي سان نه صرف دنياوي ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون بلڪ ڄاڻي واڻي ۾ تمام اهڙا ڪم ڪيا وڃن ٿا جو مسجد جي آداب جي خلاف آهن. غور فرمايو! مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪيترا بد نصيب آهن جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻين کي انهن جي هم نشيني ۽ صحبت اختيار ڪرڻ کان منع فرمائي ڇڏيو. ياد



www.dawateislami.net

رکو! مسجد جي اندر ڀڄڻ، زور زور سان رڙيون ڪرڻ، ڪنگڻ يا اوگرائي ڏيڻ، بلا ضرورت اوٻاسي ڏيڻ ۽ ان جي آواز بلند ڪرڻ پڻ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ جي بغير ڪائڻ ۽ سمهڻ وغيره سان نہ صرف مسجد جو تقدُس پامال ٿيندو آهي بلڪ انهن مان ڪجھ ڪم ناجائز ۽ حرام بہ آهن، اچو! مسجد جي ادب ۽ احترام جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 568 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعلٰي حضرت“ مان مسجد جا 12 آداب ٻڌون ٿا:

## مسجد جا آداب

1. جڏهن مسجد ۾ قدم رکو تہ پهريان ساڄو پوءِ کاٻو ۽ واپسي تي ان جو عڪس (يعني اُلٽ ڪريو)
2. اعتڪاف جي نيت جي بغير ڪنهن شي جي ڪائڻ جي اجازت ناهي.
3. تمام مسجدن ۾ دستور آهي تہ ماهِ رمضانُ المبارڪ ۾ ماٽهو نمازين جي لاءِ افطاري موڪليندا آهن. اهي اعتڪاف جي نيت هجي بغير اتي بي تڪلف ڪائيندا پيئندا ۽ فرش خراب ڪندا آهن. هي ناجائز آهي.
4. وضو ڪرڻ کان پوءِ اعضاءِ وضو مان هڪ ڦڙو (بہ) پاڻي جو مسجد جي فرش تي نہ ڪري.
5. مسجد ۾ ڀڄڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان ڌمڪ پيدا ٿئي منع آهي.



www.dawateislami.net

6. مسجد ۾ جيڪڏهن ڇِڪ اچي تہ ڪوشش ڪريو تہ آهستہ آواز نڪري، اهڙي طرح کنگ (۾ بہ). (حديث ۾ آهي:) اَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَكْرَهُ الْعَطْسَةَ الشَّدِيْدَةَ فِى الْمَسْجِدِ (يعني) الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ زور جي ڇِڪ کي ناپسند فرمائيندا هئا. (شعب الايمان، ج. 7، ص. 32، حديث 9356)

7. اهڙي طرح اوگرائي کي ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ٿئي تہ حتي الامڪان آواز دٻائي وڃي اگرچہ غيرِ مسجد ۾ هجو خصوصًا مجلس ۾ يا ڪنهن معظم (هستي) جي سامهون تہ (بلند آواز سان اوگرائي ڏيڻ) بي تهذيبي آهي. حديث ۾ آهي: هڪ شخص دربارِ اقدس (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۾ اوگرائي ڏني (تہ) فرمايائون: كُفَّ عَنَّا جُشَاءَكَ فَاِنَّ اَكْثَرَهُمْ شِبَعًا فِى الدُّنْيَا اَطْوَلُهُمْ جُوْعًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ (يعني) اسان کان پنهنجي اوگرائي پري رک تہ دنيا ۾ جيڪو زياده مُدت تائين پيٽ ڀري ٿو اهو قيامت جي ڏينهن زياده مدت تائين بکيو رهي ٿو. (ترمذي، باب. 37، ج. 4، ص. 217، حديث 2486)

8. اوٻاسي ۾ آواز نڪرندو هجي تہ ............ اگرچہ غير مسجد ۾ اڪيلا هجو تہ اهو شيطان جو قهقهو آهي. اوٻاسي جڏهن اچي تہ حتي الامڪان منهن بند رکو، منهن کولڻ سان شيطان منهن ۾ ٿڪي ڇڏيندو آهي. ايئن نہ رڪجي تہ مٿان جي ڏندن سان هيٺين چپ کي دٻائي ڇڏيو ۽ ايئن بہ نہ رُڪجي تہ حتي الامڪان (منهن) گهٽ کوليو ۽ کاٻو هٿ الٽي طرف کان منهن تي رکي ڇڏيو ايئن ئي نماز ۾ بہ پر حالتِ قيام ۾ ساڄو هٿ الٽي طرف کان رکي ڇڏيو ڇو جو الٽو هٿ رکڻ ۾ٻئي هٿ پنهنجي مسنون جڳهہ تان



www.dawateislami.net

بدلجي ويندا ۽ ساڄو هٿ رکڻ ۾ صرف اهو ئي بضرورت بدليو، ڪاٻو پنهنجي سنت جي جاءِ تي ثابت رهيو. اوٻاسي روڪڻ جو هڪ مجرب طريقو هي آهي ته جڏهن اوٻاسي اچڻ تي هجي ته فورًا تصور ڪري ته حضرات انبياءِ عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪي (اوٻاسي) ڪڏهن به نه آئي.

9. مسجد ۾ دنيا جي ڪا ڳالهه نه ڪئي وڃي....ها! جيڪڏهن ڪير ديني ڳالهه ڪنهن ڪي چوٽي هجي ته ويجهو ٿي ڪري آهسته سان چوڻ گهرجي نه هي جو هڪ صاحب مسجد ۾ ويهي ڪري راهگير سان جيڪو روڊ تي بيٺو آهي. رڙيون ڪري ڳالهيون ڪري رهيو آهي يا ڪو ٻاهر ڪان پڪاري رهيو هجي ۽ هي ان جو جواب بلند آواز سان ڏئي رهيو آهي.

10. تمسخر (يعني مذاق مسخري ڪرڻ) ايئن به ممنوع ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز يا ڪلڻ منع آهي. قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي. (فردوس الاخبار، ج. 2، ص. 41، حديث 3706) ها! موقع سان مسڪرائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. مسجد جي فرش ۾ڪا شي اڇلائي نه وڃي بلڪ آهسته سان رکي وڃي. گرمي جي موسم ۾ ماٿهو پکو هٽندي هٽندي اڇلائي ڇڏيندا آهن يا ڪاني، ڇتري وغيره رکڻ وقت پري ڪان ڇڏي ڏيندا آهن، ان جي ممانعت آهي غرض مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

11. مسجد ۾ حدث (يعني هوا خارج ڪرڻ) منع آهي. ضرورت هجي ته ٻاهر هليو وڃي، لهٰذا معتڪف کي گهرجي ته اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ کائڻ پيٽ هلڪو رکن ته قضاء حاجت جي وقت کان



www.dawateislami.net

سواءِ ڪنهن وقت هوا جي نڪرڻ جي حاجت نہ ٿئي. اهو انهي لاءِ جو ٻاهر نہ وڃي سگهندو.

12. قبلي جي طرف پير ڪرڻ تہ هر جڳهہ منع آهي. مسجد ۾ ڪهڙي طرف بہ نہ ڦهلايو تہ خلافِ آدابِ دربار آهي. حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مسجد ۾ اڪيلا ويهندا هئا، پير ڦهلايا مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو: ”بادشاهن جي حضور ۾ ايئن ويهندا آهن؟“ معًا (يعني اوچتو) پير سميٽا ۽ اهڙا سميٽا جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا. (ملفوظاتِ اعلي حضرت، ص. 317 تا 323)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

افسوس! اڄ ڪلهہ تمام گهڻا مسلمان علمِ دين کان دوري جي سبب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هن معزز مهمان ”ماهِ شعبان“ جي ناقدري ڪندي ۽ هن مهيني ۾ بالخصوص شبِ براءَت ۾ بارگاهِ خداوندي کان تقسيم ٿيڻ واري انعامات حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ جي بجاءِ عبادات کان منهن ڦيرائي اغيار جي نقل ڪرڻ ۾ آتش بازي جهڙو ناجائز و حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم ڪندي ۽ شور و غل مچائيندا آهن پڻ تلاوت و نوافل ۽ ذڪر و اذڪار وغيره ۾ مشغول مسلمانن جي عبادت ۾ يا سمهڻ وارن جي آرام ۾ خلل وجهي ڪري يا گهرن ۾ موجود بيمارن، ٻارن، عورتن ۽ پوڙهن جي سڪون کي برباد ڪري ۽ انهن کي تڪليف ڏئي ڪري قهرِ قهار ۽ غضبِ جبّار کي دعوت ڏيندا آهن.



www.dawateislami.net

شيخ الحديث علامہ عبدالمصطفٰي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: آتش بازي خواه شبِ براءَت ۾ ٿئي يا شادي ۾ هر جاءِ هر حال ۾حرام آهي ۽ ان ۾ ڪيترائي گناهہ آهن. هي پنهنجي مال کي فضول برباد ڪرڻ آهي، قرآنِ ڪريم ۾ فضول مال کي خرچ ڪرڻ وارن کي شيطان جو ڀاءُ فرمايو ويو آهي ۽ انهن ماڻهن کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيزار آهن. پوءِ ان ۾ هٿ پير سڙڻ جو انديشو يا مڪان ۾ باهہ لڳي وڃڻ جو خوف آهي ۽ بلاوجہ (پنهنجي يا ٻين جي) جان يا مال کي هلاڪت ۽ خطري ۾ وجهڻ شريعت ۾ حرام آهي. (جنتي زيور، ص. 152)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مزاراتِ اولياء

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنتن جي خوشبو ڦهلائڻ، علمِ دين جي شمع ٻارڻ ۾ مصروف آهي. دنيا ۾ ڪم و بيش 200 ملڪن ۾ ان جو مدني پيغام پهچي چڪو آهي. سڄي دنيا ۾ مدني ڪم کي منظم ڪرڻ جي لاءِ تقريبًا 100 کان وڌيڪ شعبہ جات قائم آهن، انهن مان هڪ شعبو ”مجلس مزاراتِ اولياء“ بہ آهي، هن مجلس جي ذمي دارن ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بزرگانِ دين جي مزاراتِ مبارڪہ تي حاضر ٿي ڪري مختلف ديني خدمات سر انجام ڏيندا آهن. مثلاً حتي المقدور صاحبِ مزار جي عرس جي موقعي تي اجتماعِ ذڪرونعت جو



www.dawateislami.net

انعقاد، مزارات سان ملحق مسجدن ۾ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن جو سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس جي ڏينهن ۾ مزار شريف جي احاطي ۾ سنتن ڀريو مدني حلقو لڳائڻ، جن ۾ وضو، غسل، تيمم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارات تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتون سيکاريون ويندون آهن پڻ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتون ڀريا اجتماعات ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ترغيب به ڏياري ويندي آهي، عرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خدمت ۾ ڪيترائي ايصالِ ثواب جا تحائف پيش ڪرڻ پڻ صاحبِ مزار بزرگ جي سجاده نشين، خلفا ۽ مزارات جي متولي صاحبان سان وقتًا فوقتًا ملاقات ڪري انهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمات، جامعات المدينه ۽ مدارسُ المدينه ۽ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ٿيڻ واري مدني ڪمن کان آگاهه ڪرڻ وغيره. الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي کي ڏينهن رات ترقي عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اِسلامی تیری دُھوم مَچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! هاڻي احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾ نفل روزن جا ڪجهه فضائل به ٻڌون ٿا. جيئن ته



www.dawateislami.net

## (1) زوره دارن جي لاءِ دسترخوان سجايو ويندو

حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي: قيامت جي ڏينهن روزه دار قبرن مان نڪرندا ته اهي روزي جي خوشبو سان سڃاڻا ويندا، انهن جي لاءِ دسترخوان ۽ پاڻي جا ڪوزا رکيا ويندا، جنهن تي مشڪ جي مهر هوندي، انهن کي چيو ويندو ته ڪائو (ڇو ته روزا رکڻ جي سبب دنيا ۾) توهان بکيا هئو، پيو (ڇو ته روزا رکڻ جي سبب دنيا ۾) توهان اڃارا هئو، آرام ڪريو (ڇو ته روزا رکڻ جي سبب دنيا ۾) توهان ٿڪيل هئو، اهي کائيندا ۽ پيئندا حالانڪ ماڻهو اجا حساب جي مشقت ۽ اُڃ ۾ مبتلا هوندا.

(ڪنز العمال، ج. 4، ص. 213، حديث 23639)

## (2) فرشتا دعاء مغفرت ڪندا آهن

حضرت سيدتنا عُماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف ڪٽي آيا ته مون پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا برڪت ۾ ڪاڌو پيش ڪيو ته ارشاد فرمايائون: توهان به ڪائو. مون عرض ڪيو: مان روزي ۾ آهيان. ته رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيستائين روزه دار جي سامهون ڪاڌو کايو ويندو آهي، فرشتا ان (روزه دار) جي لاءِ دعاء مغفرت ڪندا رهندا آهن. (ترمذي، ج. 2، ص. 205، حديث 785)

## (3) روزهه دار جون هڏيون ڪڏهن تسبيح ڪنديون آهن

حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حضورِ پر



www.dawateislami.net

نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪريو. عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان روزه دار آهيان. تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا تو کي خبر آهي تہ جيستائين روزه دار جي سامهون ڪجهہ کايو وڃي تيستائين ان جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ۽ فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا آهن. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 297، حديث 3586)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو.....

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان شعبان المعظم جي مهيني ۾

- نفل عبادت ڪرڻ جي اهميت جي باري ۾ ٻڌو تہ ماهِ مقدَّسہ ۾ عبادت گزارن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي معصوم فرشتن جي دعائن سان حصو نصيب ٿيندو آهي.
- اسان جا منا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ وقتا فوقتا هن مهيني جي اهميت کي مختلف طريقن سان اجاگر فرمايو، پاڻ بہ ان ۾ نفلن ۽ روزن جي ڪثرت فرمائي ۽ پنهنجي امت کي بہ ڪثرت سان نفلي عبادت جي ترغيب ڏيارڻ ۽ خوابِ غفلت کان بيدار ڪرڻ جي لاءِ ارشاد فرمايو تہ رجب ۽ رمضان جي درميان هي اهو مهينو آهي جو ماڻهو ان کان غافل آهن حالانڪہ ان ۾ ماڻهن جا اعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن.



www.dawateislami.net

❖ 15 شعبانُ المعظم جي مبارڪ ۽ مقدس رات ۾ عبادت ڪرڻ وارن ڪي خوشخبريون ڏنيون ويون آهن تہ مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات عبادت ڪري، مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات ۾ سجدو ڪري، مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات ۾ رڪوع ڪري، مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهري، مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات ۾ پنهنجي رب تعالٰي سان مناجات ڪرڻ ۾ مشغول هجي، ڪڏهن ايئن صدائون لڳايون وينديون آهن: آهي ڪو توبهہ ڪرڻ وارو تہ ان جي توبهہ قبول ڪئي وڃي؟ آهي ڪو مغفرت طلب ڪرڻ وارو جو ان جي مغفرت ڪئي وڃي؟ آهي ڪو دعا ڪرڻ وارو جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي؟

❖ 15 شعبان جي رات چو تہ ان ماهِ مقدس جي سڀ کان اهم رات آهي ۽ جنهن کي شبِ براءَت يعني ڇوٽڪاري جي رات بہ چيو ويندو آهي چو تہ هن رات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ قبيلہ بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن جي تعداد جي برابر ماڻهن کي جهنم کان ڇوٽڪارو عطا فرمائيندو آهي، پڻ انهيءَ رات سڄي سال جي لاءِ ماڻهن جي موت ۽ حيات، عزت ۽ ذلت، رزق ۽ ان جي ٻين اهم ترين معلامات جا فيصلا ڪيا ويندا آهن.

❖ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 15 شعبانُ المعظم جي رات خصوصي طور تي عبادت جي ترغيب ارشاد فرمائيندي فرمايو تہ هن رات ڪي عبادت ۾ گذاريو ۽ ڏينهن جو روزو رکو، اهو ئي سبب آهي جو صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هن



www.dawateislami.net

مهيني ۾ پاڻ بہ نفل عبادت جي ڪثرت فرمائيندا ۽ مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ارشاد فرمائيندا، لهٰذا اسان کي بہ گهرجي تہ شور ۽ غل ۽ طرح طرح جي گناهن جي ذريعي هن مبارڪ رات جو تقدس پامال ڪرڻ، آتش بازي ڪري پنهنجي ۽ ٻين مسلمانن جي جان ۽ مال کي نقصان پهچائڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ناراض ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ تمام گناهن کان سچي توبهہ ڪري ذڪر و درود، تلاوتِ قرآن ۽ ٻين نيڪ اعمال جي ذريعي خوب خوب نفل عبادت ڪيون.

- شعبانُ المعظم چو تہ ڪثرتِ درود جو مهينو بہ قرار ڏنو ويو آهي، لهٰذا فضول ڳوئي کان بچندي زياده کان زياده درودِ پاڪ پڙهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وڃي.
- هن ماهِ مبارڪ جي حقيقي برڪتون حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحُول سان وابستہ ٿي وڃو، دعوتِ اسلامي جي تحت هفتيوار ۽ ٻين اجتماعاتِ ذڪر و نعت ۾ شرڪت ڪي بہ پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو ۽ مدني چينل بہ ڏسندا رهو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان سيني جي مغفرت فرمائي ڪري اسان کي شعبانُ المعظم جي برڪتن سان مالامال فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت



www.dawateislami.net

شهنشاھ نبوت مصطفيٰ جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.(مشكاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث 75 ادارا الكتب العلميه بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عمامو ٻڌڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جي رسالي ”163 مدني گل“ مان عمامي شريف ٻڌڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

**پهريان ٻه فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ملاحظه فرمايو:** ۞ عمامي سان گڏ ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (فردوس الاخبار، ج 2 ص 265 حديث 3233) ۞ ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر ورَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو. (الجامع الصغير، ص353 حديث 5725) ۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (كشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي ته ادائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهه گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويه ج22 ص 186) ۞



www.dawateislami.net

رومال جيڪڏھن ايترو وڏو ھجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اھو عمامو ئي آھي ۽ ۞ ننڍو رومال جنھن سان صرف ھڪ ٻہ وَر اچي سگھن ٻَڌڻ مڪروھ آھي. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 299) ۞ عمامي کي جڏھن نئي سري سان ٻڌڻو ھجي تہ جيئن ٻڌل آھي ائين کوليو ۽ ھڪ مھل زمين تي نہ اُڇلايو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) ۞ جيڪڏھن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيھر ٻَڌڻ جي نيّت ھجي تہ ھڪ ھڪ پيچ کولڻ تي ھڪ ھڪ گناھ مٽايو ويندو. (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 214) عمامي جا ڇھ طبي فائدا ملاحظ فرمايو: مٿي اگھاڙي رھنڊڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آھي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چھرو بہ متاثر ٿيندو آھي ۽ صحت کي نقصان پھچي سگھي ٿو، تنھن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنھي جھانن ۾ عافيّت آھي.

ھزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بھار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙھو. سنّتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آھي.

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر پاؤگے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net